فضل الله انڙ

# مرزا قليچ بيگ جي ترجمن جوتحقيقي مطالعو

# A Research Study of Mirza Kalich Beg's Translations


## *Abstract:*

*Mirza Kalich Beg was a renown Sindhi writer, translator, and adapter, who lived from 1848 to 1927. He was born in village TandoThorhro district Hyderabad. Kalich Beg is known for his contributions to Sindhi literature. He wrote numerous books, poems, and articles in Sindhi, and his work had a significant impact on the development of Sindhi literature. He was particularly interested in adapting and translating from other languages into Sindhi.*

*This research article particularly investigates the services of Mirza KalichBeg's in the field of translating and adapting of prose and poetry from other languages into Sindhi.*


سنڌي نثر جي باقاعدي ابتدا انگريزن جي دؤر ۾ ٿي. سنڌي علم ادب ۾ ان زماني ۾ اجا نثري صنفن ۾ مواد موجود ئي ڪونہ هو، ان ڪري مواد مهيا ڪرڻ جو دارومدار ترجمن تي هو. سنڌي نثر جي ابتدا بہ ترجمن سان ٿي. ادب ۾ ترجمي جي اهميت ۽ افاديت بہ مسلم آهي. انگريزن جي دؤر جا جيڪي نثري ادب جا معمار هئا انهن ۾ مرزا قليچ بيگ جي خدمتن جو هر ماڻهو معترف آهي."سنڌي نثر جي چئن پيل پاون ۾ مرزا قليچ بيگ (1853–1929) جو نالو ٻئي نمبر ۾ اچي ٿو. هن جا ثناخوان ڪيس'آفتاب ادب' يا سنڌي ادب جو شمس ڪري ڪوٺيندا آهن. فتح محمد سيوهاڻيءَ، جو پاڻ بہ مکيہ نثر نويسن مان هو، مرزا جي ساراهہ ڪندي هڪ نظم لکي آهي، جنهن ۾ چوي ٿو تہ ٻيا ليکڪ جيڪڏهن سنڌي ادب جي آسمان جا تارا آهن تہ مرزا ماهتاب يا آفتاب آهي." (اجواڻي 250 2007)

مرزا صاحب جي ڇپيل ۽ اڻڇپيل ڪتابن جو تعداد 461 آهي. انهن ۾ مرزاقليچ بيگ جي ڇپيل ڪتابن جي ببليوگرافي مطابق سندس ترجمو ٿيل

---

- اسسٽنٽ پروفيسر سنڌي شعبو، شهيد عبدالعزيز بلو گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج پنوعاقل، سکر.

ڪتابن جو تعداد 104 آهي، جن مان ڪن جا به، ٽي ۽ چار ڀاڱن وارا ڪتاب به آهن. ”مرزا صاحب علم ۽ فن جي هر موضوع تي نهايت خوبي سان لکيو آهي. مرزا صاحب هڪ ئي وقت چار ڪتاب لکندو هو. هڪ ڪتاب لکندي ٿڪو ته وري ٻي ميز تي ويهي ٻئي ڪتاب کي لکڻ لڳندو هو. هن مان سندس اورچائي ۽ محنت جي پروڙ پوي ٿي.“ (جوڻيجو 150 1994) مرزا صاحب تخليقڪار، شاعر، ناول نگار، ڊرامانويس ۽ مضمون نگار ته هو پر ترجمہ نگار جي حيثيت ۾ به سندس مقام بلند هو. سندس ترجمي جي فن جي هاڪ هئي. مرزا صاحب ترجمن ۾نظم توڙي نثر ٻنهي سان نڀايو آهي. رسول بخش پليجو، مرزا صاحب جي ترجمن متعلق راءِ ڏني آهي ته ”سنڌي ادب جي هن دؤر جو هيرو، ترجمو ڪندڙ ٺيڻ ڪپي. سنڌيءَ کي ترجمن جي ضرورت آهي. سُٺن ۽ معياري ترجمن جي، جفاڪش ۽ روشن دماغ ترجمان جي، مرزا قليچ بيگ وانگر دنيا جي ترقي يافتہ ٻولين جي ادبي ۽ علمي خزانن جا دروازا سنڌين لاءِ کولي ڇڏيائين. سيني کي خبر آهي ته مرزا صاحب سنڌي زبان جو محسن اعظم هو، جو هن سنڌيءَ جو سٺو شعر ادب لکيو: پر آءُ چوندس ته مرزا صاحب جو سنڌيءَ تي انهيءَ ڪان وڏو احسان اهو آهي جو هن شيڪسپيئر، بيڪن، سمائيل ۽ ٻين عظيم مصنفن جا شاهڪار سنڌيءَ جي جهوليءَ ۾ وڌا.اڄ اهي ترجما پڙهي دل خوش ٿئي ٿي. ڪهڙي نہ مٺي ٻولي، ڪهڙيون نہ نج سنڌي ترڪيبون! ڪير چوندو ته ”نيڪي ۽ بدي“ ۽ ”شاه ايليا“ ترجما آهن؟“ (پليجو 136 1960)

نثري ادب جي جملي صنفن، جديد مختصر ڪهاڻي، ناول، ڊرامو، مضمون، سوانح عمريون، ٻاراڻي ادب، تنقيد ۽ تحقيق جي ميدانن ۾ هڪ ئي وقت جنهن جهوني عالم جو نالو اچي ٿو اهو مرزا قليچ بيگ هو. ڪيس جديد سنڌي ادب جو باني چيو وڃي ٿو. ادب ڪانسواءِ تاريخ، مذهب، سائنس، زراعت، معاشيات، تعليم، جنرل ناليج، درسي ڪتاب ۽صحت سميت بيشمار مضمونن تي طبع آزمائي ڪيائون. لسانيات، سنڌي ٻولي جي تاريخ، گرامر، لغتن ۽ شاعري جا ميدان به ڪائنس ڳجها نہ هئا.سندس علمي خدمتن جو دائرو نهايت وسيع آهي. اهو ئي سبب آهي جو ان دؤر ۾ جڏهن سنڌي ادب ۾ انهن سيني موضوعن ۽ مضمونن جي شديد کوٽ هئي ته ان کوٽ کي مرزا قليچ بيگ پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

مرزا صاحب کي سنڌي سان گڏ فارسي، عربي، ترڪي، بلوچي، اڙدو ۽ انگريزي ٻولين تي عبور هو. ان ڪري سندس ڪتاب مٿي ذڪر ڪيل مڙني

ٻولين ۾لکيل ۽ ترجمو ڪيل آهن. هن سنڌي ادب کي نه فقط انهن علمن کان روشناس ڪرايو پر جديد ادب جي فڪرن ۽ لاڙن کي به سنڌي ادب ۾ متعارف ڪرايو، جنهن ڪري سنڌي ادب ۾ مقصديت واري نڪتئه نظر کي تقويت ملي. ان باري ۾ ولي رام ولڀ لکي ٿو ته، "مرزا قليچ بيگ جي سنڌي ادب ۾ هڪ مترجم جي حيثيت لاءِ اهو چوندس ته هُو سنڌي ٻولي جو پهريون اديب هو، جنهن سنڌي ادب ۾ مختلف ٻولين ۾ لکجندڙ ادب جي جديد ۽ نون لاڙن کي روشناس ڪرڻ جو وڏي پيماني تي پهريون قدم کنيو." (ولڀ 75 2003)

مرزا قليچ بيگ جي ترجمن کي مکيه ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.(1) نثري ادب جا ترجما (2) شاعري جا ترجما.

**1. نثري صنفن جا ترجما:**

**1.1 ناولن جا ترجما:**

سنڌي ادب ۾ ناول جي ابتدا به ترجمن سان ٿي. پهريون ترجمو ٿيل ناول راسيلاس(1968ع) هو. سنڌي ٻوليءَ ۾اصلوڪو ناول لکڻ جو سهرو به مرزا قليچ بيگ جي سر تي آهي.سنڌي ناول جي ارتقا ۽ اوسر ۾ مرزا قليچ بيگ جو ڪم وڏي اهميت جو حامل آهي. "مرزا قليچ بيگ نه صرف اصلوڪا ناول لکيا، پر ڪيترا ناول ترجمو به ڪيا. سندس سمورا ناول سماجي ۽ اصلاحي آهن. هو ترجمي دوران سنڌي ماحول جو خاص خيال رکندو هو. 'زينت' ناول (1890) کان اڳ هن 1885ع ۾ 'رستم پهلوان' ناول لکيو، جيڪو ايران جي هڪ قديم تاريخي ڪتاب تان ورتل هو، جنهن کي هن ناول جو روپ ڏنو. هن ڪيترا قصا شاهنامي تان به ناول جي روپ ۾ ترجمو ڪيا." (https://encyclopedissindhiana.org)

ببلو گرافي مطابق مرزا صاحب جا ٺوٺل طبعزاد، ترجما، ڇپيل ۽ اڻڇپيل ناول 35 آهن، انهن مان مختلف ٻولين مان ترجمو ٿيل 22 ناول آهن. انهن 22 مان ڪجھ اڻڇپيل به آهن ۽ ڪي اڻلڀ آهن.

**1.1.1** حاجي بابا اصفهاني THE ADVENTURES OF HAJJI BABA OF ISFAHAN:جيمز موريئر JAMES JUSTINIAN MORIER، جي ناول جو 1911ع ۾ مرزا صاحب ترجمو ڪيو. هي ڪتاب ناول نما سفرنامو آهي. جيمز موريئر ستن سالن تائين ايران ۾ برطانوي سفارتخاني ۾ اعليٰ عهدي تي فائز رهيو. هو 1815ع ۾ رٽائر ٿيڻ بعد لنڊن وڃي رهيو، جتي هن 1824ع ۾ حاجي بابا اصفهاني ڪتاب مڪمل ڪيو.

**1.1.2** گلن جي ٽوڪري A BASKET OF FLOWERS: هي جرمن ناول جنهن جو ليکڪ CHRISTOPH VON SCHMID، هو. ان جو مرزا صاحب 1911ع ۾ ترجمو ڪيو.

**1.1.3** شرلاڪ هومز جا عجيب غريب ڪم THE ADVENTURES OF SHERLOCK ARTHER CONAN DOYLE:HOLMES، جي جاسوسي ناول جو 1911ع ۾ مرزا صاحب ترجمو ڪيو. شرلاڪ هومز هڪ تصوراتي جاسوس ۽ طبيب آهي جيڪو سر آرٿر ڪونين ڊوئل جو تخليق ڪيل ڪردار آهي.

**1.1.4** ٽي گهر، ايرڪ ۽ جولئن هوم:FARRARFREDERIC WILLIAM، جي مشهور ناولن تان 1919ع ۾ مرزا صاحب ترجما ڪيا. اهي ٽيئي ناول شاگردن جي اصلاح ۽ تعليمي رهنمائي خاطر لکيا ويا هئا.ايرڪ اسڪول واري ڏينهن لاءِ ۽ جوليئن هوم ڪاليج واري ڏينهن جي باري ۾ لکيل آهي.

**1.1.5** راحيل: 1914ع ۾ هڪ انگريزي ناول تان ورتل آهي. جنهن ۾ هڪ يهودي ڇوڪري جي رومانوي ڪهاڻي آهي.

**1.1.6** سچي محبت HENRIETTA TEMPLE: هي ناول BENJAMIN DISREALI، جو لکيل هو ان تان1914ع ۾ مرزا صاحب ترجمو ڪيو ۽ 1959ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڇپايو.هي هڪ محبت جي ڪهاڻي تي مشتمل ناول آهي جنهن کي بينجمن ڊزريلي 1837ع ۾ ڇپايو هو.

**1.1.7** گليور جو سئر سفر JONATHAN SWIFT :GULLLIVERS TRAVELS، جي قصي تان 1920ع ۾ مرزا صاحب ترجمو ڪيو. انگلينڊ جي تاريخ ۾ ارڙهين صدي جي اهميت آهي. ان صدي کي ’آگسٽن ايج‘ چيو وڃي ٿو. ان دؤر ۾ صنعتي ترقي شروع ٿي چڪي هئي پر معاشري تي ان جا خراب اثر پوڻ لڳا هئا. انهن مسئلن سبب باشعور طبقي ۾ ڳڻتي پيدا ٿيڻ لڳي ۽ ان جو اظهار شاعر ۽ ليکڪ پنهنجي لکڻين ۾ ڪرڻ لڳا هئا. ان دؤر ۾ انگلينڊ جي مشهور ليکڪ ’جوناٿن سئفٽ‘ جو ’ گليورز ٽريول‘ سامهون آيو.

**1.1.8** سنڌ باد جهازي ARABIAN NIGHTS: هي ڪهاڻيون الف ليليٰ جي نالي سان مشهور آهن. هي ڪهاڻيون دنيا جي مشهور ڪهاڻين منجهان آهن. هنن ڪهاڻين جا مکيه ڪردار سمرقند جو بادشاه شهريار ۽ سندس شهزادي شهرزاد آهن.

**1.1.9** رابنسن ڪروسو DANIEL DEFOE:ROBINSON CRUSOE، جي ناول جو 1922ع ۾ مرزا صاحب ترجمو ڪيو.هي ناول ڊينيئل ڊيفو جو لکيل آهي. اشاعت بعد جلد ئي ناول ۽ ان جو مصنف مشهور ٿي ويا هئا، ڇو ته پڙهندڙ ناول کي مصنف جي سچي ڪهاڻي سمجهي رهيا هئا.

**1.1.10** سئنڊفورڊ ۽ ميرٽن:THOMAS DAY SANDFORD AND MERTON، جي انگريزي ناول تان 1922ع ۾ شايع ٿيو.هي ٻارن ۽ نوجوانن لاءِ اخلاقي ناول لکيو ويو هو.

**1.1.11** غلاميءَ کان مٿي چاڙهو UP FROM SLARERY: آمريڪي ليکڪ BOOKER T. WASHINGTON جو ناول 1918ع ۾ ان جو ترجمو ڇپيو.

**1.1.12** آزار مان آرامJAMES ALLEN:PASSION TO PEACE، جيڪتاب جو 1912ع ۾ مرزا صاحب آزاد ترجمو ڪيو هو.هن ناول جو مرڪزي نڪتو روحاني تعليم آهي.

**1.1.13** بابا دل:هي ڪتابمرزا صاحب انگريزي ٻولي مان ترجمو ڪيوهوءِ 1914ع ۾ ڇپيو.

**1.1.14** شيطان جو مريد: هي ڪتاب 1914ع۾ انگريزي مان مرزا صاحب ترجمو ڪيو. ان ۾ محبت جو قصو بيان ٿيل آهي.

**1.1.15** لوسي: هي هڪ سچي ڪهاڻي تي لکيل ناول هو جيڪو مرزا صاحب انگريزي مان 1914ع ۾ ترجمو ڪيو هو.

**1.1.16** ڪادامبري: 1916ع ۾هي ناول سنسڪرت ٻولي مان سنڌي ۾ ترجمو ڪيو ويو. سندس ليکڪ بانا ڀٽ، هو اصل قصو نظم ۾ هو پر مرزا صاحب، ان کي نثر ۾ آندو ۽ سرڪاري اسڪولن جي ڪورس ۾ شامل هو.

**1.1.17** نصيب پنهنجي وسTHE PATH TO PROSPERITY:JAMES ALLEN، جي ناول جو مرزا صاحب1917ع ۾ ترجمو ڪيو هو. هي هڪ اخلاقي ۽ فلاحي مضمون وارو ناول هو.

**1.1.18** مصيبت ماريا سائينءَ سنواريا: هڪ فرينچ ليکڪ VICTOR HUGO،جي ناول جي فقط مرڪزي ڪهاڻي کي مرزا صاحب سنڌي ۾ بيان ڪيو آهي. سال 1917ع ۾ ترجمو ٿيو ۽ 1961ع ۾ ادبي بورڊ ڇپرايو.

**1.1.19** جهڙو خيال تهڙو حال:JAMES ALLEN، جو 1922ع ۾ مرزا صاحب ترجمو ڪيو پر هي ناول ناياب آهي.

**1.1.20** فيروز دل افروز NIGHT AND MORNING:لارڊ لٽن جيناول جو ترجمو 1905ع ۾ ڪيائين.

مرزا صاحب وٽ سنڌي نثر جي ڪوٺ جو پورائو ڪرڻ هڪ اهم مقصد هو ۽ ٻيو تہ جديد نثري صنفون ۽ لاڙا متعارف ڪرائجن. ناولن کي ادبي، سياسي، سماجي ۽ تعليمي مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ لاءِ جديد نظرين جي روشني

۾ لکجي. ان ڪري سنڌس ترجما توڙي تخليقي ڪم ڪنهن نہ ڪنهن مقصد خاطر هئا. جتي مرزا صاحب طبعزاد ناول ’زينت‘ کي سجاڳي ۽ بيٺڪي نظام جي خلاف پيغام طور استعمال ڪيو اتي شعوري طور تي ترجمن جي چونڊ بہ انهن مقصدن خاطر هئي. سنڌس ترجمو ’ غلاميءَ کان مٿي چاڙهو ’جي باري ۾ منگهارام ملڪاڻي لکيو آهي تہ ”هن ناول ۾ مرزا صاحب عام ماڻهن ۾ جدوجهد ۽ ترقي ڪرڻ جي رجحان پيدا ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪئي آهي ۽ ناول ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو تہ، ”انهيءَ جي پڙهڻ مان معلوم ٿيندو تہ ڪيئن هڪڙو غريب مسڪين گمنام غلام چوڪرو پاڻ کي ستاري، وڏائي اوج ۽ وڏي درجي تي رسيو ۽ مشهور وڏن ماڻهن سان مٽ پيو. اميد ڪجي ٿي تہ هن ڪتاب جي پڙهڻ سان غريب ۽ محنتي ماڻهن کي مٿي ترقي ڪرڻ جي همت ۽ ترغيب ايندي.“ (ملڪاڻي 22،21 1999) ترجمي ذريعي فقط ڪنهن ناول جو قصو يا ڪهاڻي مقصود نہ هوندو آهي پر ان ملڪ ۽ سماج جا نظريا، فڪر، تجربا، تاريخ، لوڪ ورثو، ڏاهپ، تمدن،سياسي، سماجي، اقتصادي، مذهبي حالتون ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه ترجمي سان منتقل ٿيندو آهي. انهن مقصدن سان مرزا صاحب جا ترجما سرشار آهن. ’گليور جو سئر ۽ سفر‘ ناول جي باري ڊاڪٽر تهمينہ مفتي لکي ٿي تہ، ”مرزا صاحب جي ترجمن جي چونڊ پڻ وسيع مفهوم ۽ معنيٰ رکي ٿي. ’گليور جو سئر سفر‘ جو ترجمو بہ اهڙي عڪاسي ڪري ٿو. ان جو موضوع انسانيت جي حماقتن، ٻچڙاين ۽ اخلاقي ڪمزورين کي وائکو ڪري ٿو. جنهن دؤر ۾ هي ڪتاب لکيو ويو، اهو دؤر انگريزن جي عروج ۽ طاقت وارو هو. انگريز دنيا جي گهڻن حصن کي پنهنجون ڪالونيون بڻائي چڪا هئا. اهو دؤر پنهنجن کي نوازڻ، سياسي چالبازين ۽ پارٽي بازي جو دؤر هو، جنهن کي جوناٿن سئفٽ (JONATHAN SWIFT) پنهنجي علامتي انداز ۾ بيان ڪيو آهي.“ (مفتي 87 2003) حاجي بابا اصفهاني ناول ايران ملڪ جي تاريخ، سماجي، سياسي، معاشي، مذهبي ۽ اخلاقي حالتن جي عڪاسي ڪري ٿو.

مرزا صاحب جا ترجمو ڪيل ناول رومانوي ۽ مذهبي فڪرن وارا بہ هئا مذهبي رنگ ۾ اصلاحي ناول گلن جي ٽوڪري بهترين ناول آهي. جيڪو ڪيترائي ڀيرا ڇپيو آهي. ”مرزا صاحب جيڪي بہ ترجما ڪيا اهي گهڻو ڪري رومانوي ماحول تي ٻڌل هئا. پر ان سان گڏ انهن ترجمن جي ڪري، آڳاٽن سماجن جي جوڙجڪ، ثقافتي زندگيءَ سان گڏ انهن جو فڪر ۽ سوچ پڻ ملن ٿا. ان سان گڏ مذهب ڪيتري قدر انساني زندگي تي اثر انداز ٿيو، تنهن کي پڻ پرکي

سگهجي ٿو. مثلا ’گلن جي ٽوڪري‘ ۾ مذهبي پسمنظر ۽ فڪري ۽ عملي طرح ان ۾ يقين ڪرڻ، طبقاتي ويڇن، اميري ۽ غريبي جي تضادن سان گڏ، اهو سنيهو ڏئي ٿو ته اهو ئي سماج ترقي ڪري سگهندو، جنهن سماج ۾ ويساهه، سچائي ۽ اعتماد آهي. اهي ئي سماج روحاني ۽ مادي مرحلا طئي ڪندا اڳيرا ٿين ٿا.“ ( مفتي 87 2003)

## 1.2 ڊرامن جا ترجما:

مرزا صاحب جي سنڌي علم ادب سان ارپنا جو بهترين مثال سندس ڊرامن ۾ ملي ٿو. طبعزاد ڊرامي جي شروعات به مرزا صاحب ڪئي ته ڊرامي جي ترجمن جي ابتدا به ڪيائين.پر مرزا صاحب جي ترجمن جي انفراديت اها آهي ته اهي ترجمي TRANSLATION جي پيٽ ۾ الٿو ڪرڻADAPTATION واري مهارت سان لکيل آهن. ان جو مقصد اهو هوندو آهي ته ڊارمن ڪي سمجهڻ لاءِ ڪردارن جا نالا، جڳهون ۽ ماحول کي تبديل ڪري مقامي رنگ ۾ پيش ڪيو ويندو آهي ۽ فقط ڪهاڻي کي اصلي رکيو ويندو آهي. مرزا صاحب جا ترجمو ٿيل ڊراماگهڻو ڪري الٿو ٿيل آهن. مرزاقليچ بيگ ببليوگرافي مطابق سندس ڊرامن جو تعداد 31 آهي. انهن ۾ مختلف ٻولين مان ترجمو ٿيل 16 ڊراما آهن. انهن ۾ شيڪسپيئر جا الٿو ٿيل 9 ڊراما آهن.منگهارام ملڪاڻي پنهنجي ڪتاب ’سنڌي نثر جي تاريخ‘ ۾ ناٽڪ نويسي واري باب ۾ اوائلي ناٽڪ جي ابتدا مرزا قليچ بيگ جي ڊرامن سان ڪئي آهي. لکي ٿو ته ”سنڌي ناٽڪ نويسيءَ جو علمبردار ’مرزا قليچ بيگ‘ هو، جنهن پهريون ناٽڪ ليلىٰ مجنون‘ 1880ع ۾ لکيو ۽ سمورو هندي ڏوهيڙن جي طرز ۾ لکيل هو: پر اهو اسٽيج تي ڪرڻ ۾ ڪونه آيو ڇو جو تيستائين ڪابه ناٽڪ منڊلي نه ٿي هئي. سندس ٻيو ناٽڪ ’خورشيد‘ هو، جو مرزا صاحب اول بمبئيءَ ۾ (جتي هو ڪاليج ۾ پڙهندو هو) پارسي وڪٽوريا ناٽڪ منڊليءَ جو ’زرخريد خورشيد‘ نالي اردوءَ ۾ کيل ڏٺو هو ۽ پوءِ ان تان سنڌيءَ ۾ آندو هئائين ۽ ڪراچيءَ ۾ سرڪاري بوڪ ڊپو وارن 1887ع ۾ ڇپايو هو.“ (ملڪاڻي 109 1993) مرزا صاحب جو پهريون ڊرامو ’ ليلي مجنون‘ به عربي رومانوي ڪهاڻي جو الٿو هو. منگهارام ملڪاڻي، مرزا قليچ بيگ کي شيڪسپيئر جو مترجم قرار ڏنو. انهن الٿو ٿيل ڊرامن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو.

**1.2.1** حسنا دلدارTHE MERCHANT OF VENICE (1897ع):

هي ڊرامو گهڻائي ڀيرا اسٽيج تي آندو ويو هو. هن ڊرامي کي مقامي ماحول ۾ آڻي بهترين ڪهاڻي بيهاري هئائين. “ شائيلاڪ يهودي کي هري رام مارواڙي

وياج خور ٻڌايو هئائين، ۽ ائنتونيو ايماندار واپاريءَ کي لالا منسک لال ۾ ڦيرايو هئائين. " ( ملڪاڻي 02 1999)

**1.2.2** شمشاد مرجانہ CYMBELINE (1908ع):

هي ناول بہ اسٽيج ٿيندو رهيو. هن ڊرامي ۾ سيرت جي ڪچائي اها ڏيکاريل هئي تہ هيرو هڪ سادو ماڻهو هو جيڪو هيروئن کي ڪوڙين افوائن تي تحقيق ڪانسواءِ جدا ڪري ٿو ڇڏي پر پوءِ جڏهن سچ جي خبر ٿي پويس تہ گهڻو پڇتائي ٿو ۽ جدائي جو عذاب سهي ٿو.

**1.2.3** گلزار ۽ گلنار ROMEO AND JULIET (1908ع):

هن ناول جي پڇاڙي ڏک واري آهي پر مرزا صاحب ان کي بدلائي پريمين جو ميلاپ ڏيکاريو آهي.

**1.2.4** عزيز ۽ شريف THE TWO GENTLEMEN OF VERONA (1909ع):

هن ڊرامي کي مرزا صاحب الٿو ڪيو هو ۽ اسٽيج تي پيش ڪيو ويو هو.

**1.2.5** شاهہ ايليا KING LEAR (1919ع):

"ان ۾ سيرت جي هيٺائي اها ڇٽيل هئي تہ ڪيئن هڪ عاليشان، پر ضعيف بادشاهہ پنهنجن ٻن ڌيئن جي خوشامد تي پنيلجي، پنهنجي سموري ملڪيت ڪين ۽ سندن لوڀي مڙسن کي ارپي ٿو ڇڏي، پر اندر جي سچار ۽ سچ چئي ڏيندڙ ننڍي ڌيءَ ڪارڊيليا کي ڪاري ڪوڏي بہ ڪانہ ٿو ڏئي." (ملڪاڻي 02 1999ع).

**1.2.6** شهزادو بهرام HAMLET (1923ع): هيمليٽ شيڪسپيئر جي ئي لکيل ناول جي ڪهاڻي جي ڊرامائي تشڪيل آهي. هيمليٽ ڊرامو جاسوسي ۽ انتقام جي پلاٽ تي مشتمل آهي. هيمليٽ ڊينمارڪ جو هڪ شهزادو آهي جيڪو پنهنجي والد جي قاتل (جيڪو سندس چاچو آهي) کان انتقام وٺڻ جي خواهش رکي ٿو.

**1.2.7** نيڪي ۽ بدي (1911ع): هن ڊرامي جي باري ۾ مرزا صاحب ڪتاب جي منڍ ۾ لکيو آهي تہ "هن ناٽڪ جو اصل قصو، انگريزيءَ جي مشهور قديم شاعر 'شيڪسپيئر' جي هڪڙي ناٽڪ مان ورتل آهي، جو هڪڙي ناٽڪ واري ڪمپنيءَ هندستاني ٻوليءَ ۾ لکيو هو، انهيءَ ۾ وري ضروري ڦيرگهير ڪئي وئي آهي، ۽ منجهس مزي جهڙا نقل ماڻهن کي کلائڻ ۽ خوش ڪرڻ لاءِ گڏيا ويا آهن، ۽ گهڻن هنڌن تي راڳ بہ داخل ڪيا ويا آهن." ( قليچ مرزا 01 1971ع)

**1.2.8** جمشيد ۽ حميده MACBETH (1917ع):

"هي قصو لالچ، ڊوهہ ۽ بديءَ کي ظاهر ڪري ٿو." ( مفتي 20 2015 )

**1.2.9** شڪ جو شڪار THE WINTER`S TALE 1917:

"هيءَ ڪهاڻي احساسن ۽ جذبن جهڙوڪ وفا، ايثار ۽ محبت جهڙن لازوال قدرن تي ٻڌل آهي. هي ڏکائتو قصو آهي پر انجام چڱو اٿس." ( مفتي 20 2015 )

جديد سنڌي ادب ۾ حقيقت نگاري واري فڪري لاڙي جي ابتدا بہ مرزا صاحب شعوري طور ڪئي. سندس طبعزاد تخليقن توڙي ترجمن جو مکيہ مقصد سنڌ جي ماڻهن ۾ شعور پيدا ڪرڻ هو. اهو ئي سبب جو هر شهپاري ۾ مقصديت وارو زوردار عنصر موجود آهي.سنڌي ڊرامي ذريعي ئي هن حقيقت نگاري واري لاڙي جي شروعات ڪئي. سندس ترجمي حسنا دلدار تي تبصرو ڪندي منگهارام ملڪاڻي لکيو آهي تہ "اهڙيءَ طرح مرزا صاحب هن روماني ناٽڪ مان هندو – مسلم ميلاپ جو ترقي پسند مطلب ڪڍي ورتو، ۽ يهودي – عيسائي نفاق وارو اصلوڪو مطلب ڪڍي ڇڏيائين." (ملڪاڻي 116 1993) شيڪسپيئر ڪان علاوه ٻيا بہ ڊراما مرزا صاحب الٿو ڪيا انهن ۾ NIKOLAI GOGOL، جو انڪوائري آفيسرTHE GOVERNMENT INSPECTOR تان 1897ع تان، هندي ٻولي مان 'خورشيد' 1887ع، موهني 1891ع منشي رضي الدين دهلوي جي اردو ڊرامي جو ترجمو آهي. 'شڪنتلا' وري ڪاليداس جي هندي ناٽڪ تان 1896ع الٿو ڪيائين. مرزا صاحب جي ڊرامن جي ٻولي ۽ فڪر تي گهڻن عالمن جا رايا آهن، لعل سنگهہ اجواڻي لکي ٿو تہ "مرزا قليچ بيگ ٻيءَ طرح بہ سنڌي ناٽڪن جي خدمت ڪئي; جو هو پهريون سنڌي اديب هو، جنهن جي تصنيفن ۾ مذاق – طنز جو عنصر هو. جيڪي پانڪ قليچ بيگ جا ناٽڪ پڙهڻ چاهين ٿا، تن کي کپي تہ هو سندس 'خورشيد' پڙهن، جيڪي هن جي پختي عبارت ۽ سنجيده لکڻيءَ جو نمونو ڏسڻ ٿا چاهين، تن کي هن جو 'شاهہ ايليا' پڙهڻ گهرجي. جيڪڏهن هن جي کل چرچي ۽ طنز جو مزو ماڻڻ چاهن ٿا تہ سندس 'انڪوائري آفيسر' پڙهڻ گهرجي." ( اجواڻي 256 2007 )

**1.3 مضمونن جا ترجما:**

نثر نويسي جي ٽين اهم صنف مضمون نگاري آهي، ان جي ابتدا بہ انگريزن جي دؤر ۾ ٿي. سنڌي ۾ مضمون نگاري جي ابتدا بہ ترجمن سان ٿي ۽ ان صنف جي ترجمي جي شروعات ڪرڻ جو سهرو بہ مرزاقليچ بيگ جي سر تي هو. سنڌي ۾ پهريون مضمونن جو ترجموفرانسز بيڪن جي BEACON ESSAYS تان 'مقالات الحڪمت' جي نالي سان مرزا قليچ بيگ 1877ع ۾ ڪيو. توڙي جو بيڪن جي هن ڪتاب جي انگريزي ڪافي ڏکي ۽ ُگوڙهي هئي پر مرزا صاحب ان جو ترجمو گهڻو سولو ڪيو آهي. مضمونن جو ٻيو ترجمو جيڪو مرزا

صاحب ڪيو سو SAMUEL SMILES جي SELF HELP تان هو، ان ڪتاب کي ’خودياوري‘ نالو ڏنائين، جيڪو 1901ع ۾ ترجمو ٿيو. ان سان گڏ سندس ترجمن جي هڪ وڏي فهرست آهي. ’علامات قرآن‘ ( قرآن شريف ۾ تمثيلون 1888ع ) ’باغ ۽ باغباني‘ هي ڪتاب انگريزي تان 1895ع ۾ ترجمو ڪيو. ’حشرات العرض‘ هي به انگريزي تان 1895ع ۾ترجمو ڪيو. ’درين جي گلزاري‘ WINDOWS DECORETION تان 1927ع ۾ ترجمو ڪيائين. ’زمين پوکڻ جو علم هنر‘ هي ڪتاب به انگريزي تان 1895ع ۾ ترجمو ٿيو. ’ڪيميائي سعادت ‘ (ٽي ڀاڱا) هي امام غزالي جي ڪتاب جو ترجمو 1901ع ۾ ڪيائين. ’حاجتمنديءَ مان طاقتمندي‘ JAMES ALLEN جي ’ROM POVERITY TO POWER‘ جو ترجمو 1906ع ۾ ڪيو ويو. ’ آزار مان آرام‘ هي مضمونن جو ڪتاب JAMES ALLEN جي FROM PASSION TO PEACE تان ترجمو ڪيائين. ’تهذيب اخلاق‘ هي مضمون اصل ۾ ڪنهن چيني عالم جا انگريزي ۾ ترجمو ٿيل هئا جتان مرزا صاحب 1913ع ۾ سنڌي ۾ ترجمو ڪيا. ’ايمرسن جا عجيب نڪتا‘ هي مضمون به ڪنهن آمريڪي ليکڪ جا 1914ع ۾ ترجمو ڪيائين. ’قديم سنڌ‘ هي ڪتاب به فارسي تان 1921ع ۾ ترجمو ڪيائين. ’استاد جي قدمن وٽ‘ هي JIDDU KRISHNAMURTIجي انگريزي ڪتاب AT RHE FEET OF THE MASTER جو 1923ع ۾ ترجمو ڪيائين. ’جواهرالانسان‘ هي ڪتاب به انگريزي تان 1926ع ۾ ترجمو ڪيائين. WILLIAM PENN جي SOME FRUITS OF SOLITUDE IN REFLECTION AND MAXIMS ڪتاب جو ترجمو 1904ع ۾ مرزا صاحب ڪيو. مرزا صاحب جي طرز تحرير جي باري ۾ عرساڻي صاحب لکي ٿو ته، ”اسلوب ۽ انداز بيان جو اهو ڪمال آهي، جو ڪتاب پڙهڻ کانپوءِ عقل سليم ان کي مغربي تخليق سمجهڻ کان ئي قاصر ٿي وڃي ٿو ۽ سمجهڻ ۾ ائين ٿو اچي، گويا هيءَ ڪا اصلوڪي سنڌي تصنيف آهي ۽ نه ترجمو.“ (عرساڻي 77 2005)

## 1.4 ڪهاڻين جا ترجما:

**1.4.1** ’دلپسند قصا‘ TALES FROM SHAKESPEARE 1880ع ۾ ترجمو ڪيائين، ان ڪتاب ۾ شيڪسپيئر جي ڊرامن جون ڪهاڻيون آهن. ڊرامن مان اهي ڪهاڻيون چارلس ليمب ۽ سندس ڀيڻ ميري ليمب انگريزي ۾ لکيون هيون. اهي سورنهن ڪهاڻيون پهريون ڀن ڀاڱن ۾ پوءِ ٻنهي کي گڏي سنڌي ادبي ورڊ ڇپايو. انهن ۾، ’طوفان THE TEMPEST‘، ’ڏنگي زال کي سڌو ڪرڻ THE TAMING OF SHREW‘ ’روميو جيوليٽ ROMEO AND JULIET‘، ’ٻارهين رات

A MIDSUMMER NIGHT`S ’وچ اونهاري جو خواب‘، ’TWELFTH NIGHT DREAM‘، ’سياري جي ڳالھ THE WINTER`S TALE‘، ’لير بادشاھ KING LEAR‘، ’ڊينمارڪ جو شهزادو هئملٽ HAMLET,PRINCE OF DENMARK‘، ’مئڪبيٿ MACBETH‘، ’توري ڳالھ جي لاءِ گهڻو بکيرو MUCH ADO ABOUT NOTHING‘، ’وينس جو واپاري THE MERCHAANT OF VENICE‘، ’ويرونا جا ٻه سڪر ماڻهو THE TWO GENTLEMEN OF VERONA‘، ’ ٻڪن جو چرچو THE COMEDY OF ERRORS‘، ’جيڪا تنهنجي مرضي AS YOU LIKE IT‘، ’جنهن ڪم جي پڇاڙي چڱي سو سڄو ئي چڱو ALL`S WELL THAT ENDS WELL ‘ ۽ ’اٿينس وارو ٽائيمن TIMON OF ATHENS‘ شامل آهن.

### 1.4.2 عجيب ڳالهيون

هن ڪتاب ۾ 127 ڪهاڻيون آهن. اهي مختلف ڪتابن مان چونڊي ترجمو ڪيو ويون آهن. "هن ڪتاب ۾ عقل، دانائيءَ، سکيا ۽ نصيحت ڏيڻ وارا واقعا آکاڻيءَ جي اسلوب ۾ بيان ڪيل آهن. مشهور فلسفين، سائنسدانن ۽ نقاشن جي زندگيءَ بابت ڪي واقعا قلمبند ٿيل آهن." ( مفتي 23 2015) انهن ڪهاڻين مان ڪجھ هي آهن. ’خان جي ڪهي اک‘ هي هڪ روسي ڪهاڻي آهي. ’بادشاھ ۽ گاهياڻي‘ هي انگلينڊ جي ملڪ جي ڪهاڻي آهي.

### 1.4.3 پائي وائي ۽ پائي وزو:

هي ٻه مختلف ليکڪن جي ڪهاڻين جي ترجمن جو ڪتاب آهي. هن ۾ ڇهه ڪهاڻيون ڏنل آهن. ٽي ڪهاڻيون انگريزي ادب مان ۽ ٽي يوناني ڏند ڪٿائون آهن.

### 1.4.4 پٽيل اکيون ۽ پوريل اکيون:

هن ڪتاب ۾ فقط ٽي ڪهاڻيون آهن.

## 1.5 تاريخ ۽ ادب جي تاريخ جا ترجما:

### 1.5.1 فارسي زبان ۽ شعر جي تاريخ ( 1900):

هي ڪتاب مرزا صاحب هڪ انگريزي ڪتاب تان ترجمو ڪيو هو. ان جو ليکڪ سر وليم جونس هو. هي ترجمو آسان سنڌي ۾ ٿيل آهي.

### 1.5.2 لطائف طوائف ( 1920):

هي هڪ فارسي ادب جي تصنيف جو ترجموآهي، جنهن جو مصنف مولا علي بن حسين هو.

## 2.شاعري جا ترجما:

**2.1** رباعيات عمر خيام ( 1904)

هن ڪتاب ۾ عمر خيام جون 130 رباعيون ترجمو ڪيون ويون آهن. مرزا صاحب انهن رباعين جو پابند ترجمو ڪيو آهي، مطلب فارسي رباعي جو سنڌي رباعي ۾ ترجمو ڪيائين. "رباعي پنهنجي شعر جو تمام ڏکيو نمونو آهي ۽ سنڌ ۾ رباعي ساز شاعر ڪي ٿورڙا آهن. پر پارسي رباعي کي سنڌي رباعيءَ جي صورت ۾ آڻڻ، اهڙيءَ طرح جو هر هڪ پارسي مصرع جو مضمون سنڌي مصرع ۾ سمائجي اچي، سو وڏو ڪمال چئجي." ( ميمڻ 494 2014 ) مرزا صاحب جي ترجمي جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

اصل فارسي رباعي

"اين دهرکہ بود مدتي منزل ما
نامد بحز از بلا و غم حاصل ما
افسوس که حل نہ گشت یک مشکل ما
رفتيم و هزار حسرت اندر دل ما.

رباعي جو منظوم ترجمو سنڌي ۾:

هن دهر ۾ جت هئي اسان جي منزل
ٿيو ڪين سواءِ غم جي ٻيو ڪي حاصل
افسوس اسان جي حل نہ ٿي هڪ مشڪل."
وياسون ۽ رهي هزار حسرت منجهہ دل (ميمڻ 494 2014)

**2.2 عجيب جواهر ( 1913):**

هن ڪتاب ۾ مشهور انگريزي ٻولي جي شاعرن جي ڪلام کي ترجمو ڪيو ويو هو.

**2.3 چندن هار ( ڀاڱو پهريون 1915):**

هن ڪتاب ۾ ايران ۽ عرب شاعرن جي ڪلام کي ترجمو ڪيو ويو هو. جن ۾ بيت، ننڍا نظم، وڏا نظم، سانيٽ، رباعيون، دوها ۽ ٻيو شعري صنفون مجموعي طور تي 586 شاعري جا اسم ان ڪتاب ۾ شامل هئا.

**2.4 املهہ ماڻڪ ( ڀاڱو پهريون 1920 ):**

هن ڪتاب جو پهريون حصو 1920 ۾ ۽ ٻيو حصو 1923ع ۾ ڇپيو هو. پهرين حصي ۾ 1361 ۽ ٻي حصي ۾ 2396 فرد موجود آهن. هي فارسي جي مختلف شاعرن جي شاعري جو پابند ترجمو آهي.هن ڪتاب مان نموني طور ترجمو ٿيل ڪجهہ فرد هيٺ ڏجن ٿا:

"1- نماڻائي ۽ نرميءَ سان دسي سگهندين تون دشمن کي،
کري نرمي تي کيري باھ تي آخر چڙهي ويهي.
2- جڳائي ماٺ ڳولڻ لاءِ نت عمدن خيالن جي،
جو موتين لاءِ ٽوبي کي بہ پورڻ وات لازم آه.
3- جوانيءَ ۾ عبادت لاءِ تون جهک،
جڏهن ڪاني سکي، ٽئي کين ٻيٺي." (ميمڻ 197 2014)

**2.5 موتين جي دٻلي (1920):**

هن شاعري جي ڪتاب ۾ بہ چوند ايراني ۽ عرب شاعرن جي شاعري جا جوهر ترجمو ڪيا ويا. هن ڪتاب جو ٻاڳو ٻيو 1932ع ۾ ڇپيو. هن شاعري جي ڪتاب جو ترجمو پابند ٿيل آهي ۽ رباعي جي صنف ۾ طبع آمائي ٿيل آهي.

**2.6 لالہ رخ (شعر ۾) (1925):**

هي پنهنجي نوعيت جو منفرد ترجمو هو. هي ڪتاب جيمز موريئر جي انگريزي نثر جو سنڌي منظوم ترجمو مرزا صاحب ڪيو هو.

**2.7 مثنوي ڪشف اعجاز ترجمو گلشن راز (1917):**

هن مشهور فارسي مثنويءَ جو پابند ترجمو مرزا صاحب ڪيو، جيڪا مولانا سعيدالدين محمود شبستري جي چيل هئي. مثنوي ۾ مولانا شبستري کان ڪن صوفين سوال ڪيا آهن انهن جا صوفياڻا جواب هن مثنوي جو موضوع آهن. هيٺ سوال جو نمونو ڏجي ٿو :
"سو آهي ڪير جو چئي ٿو انا الحق؟
چيو جنهن ائين، سچو هو يا احمق ؟" (ميمڻ 496 2014)

**2.8 سعادت نامو (1922):**

هي بہ هڪ مثنوي جو ترجمو آهي. جيڪا حڪيم ناصر خسرو علوي جي پارسي ٻولي ۾ چيل هئي.

**2.9 مثنوي جام جم ( 1924):**

هي بہ هڪ فارسي مثنوي جو ترجمو آهي جيڪو ڇپجي نہ سگهيو. ان جو شاعر حڪيم اوحدي هو.

**2.10 مثنوي ترڪيب الانسان (1924):**

هي مثنوي مولانا جلالالدين رومي جي چيل هئي. هي نسخو بہ ڇپيل نہ آهي.اهڙيءَ طرح ٻيون بہ ڪي مثنويون آهن جن جو ترجمو مرزا صاحب ڪيو هو.ان ڪانسوءِ ڪيترن ئي مذهبي ڪتابن جا منظوم ترجما ڪيائين جن ۾،

انجيل يا نئون عهدنامو (1919)، يسوع مسيح جي سوانح عمري (1919)، حضرت دائود جا زبور پهريون، ٻيو، ٽيون ۽ چوٿون، ڪتاب (1919)، توريت (1919) اهي سيئي ڪتاب نظم ۾ ترجمو ٿيل آهن.

## نتيجو:

مجموعي طور تي مرزا قليچ بيگ جون ادبي خدمتون ۽ ڪم سنڌي ادب جي واڌاري جو سبب بڻيا. جنهن وقت اجا سنڌي نثر ۾ شديد کوٽ هئي ان وقت ان کوٽ کي پورو ڪرڻ ۾ مرزا صاحب تمام گهڻي محنت ڪئي. هن دنيا جي معياري ادب جي چونڊ ڪري ان جا ترجما ڪيائين. انهن ترجمن سان سنڌي ادب ۾ زبردست واڌارو ٿيو. نثري صنفن، ڪهاڻي، ڊرامي، ناول ۽ مضمونن جي ابتدا ترجمن ذريعي ٿي، انهن ترجمن جو وڏو حصو مرزا صاحب تيار ڪيو. سندس ڪيل ترجمن جي اهميت اڄ بہ اوتري آهي جيتري ان دؤر ۾ هئي. مرزا صاحب هڪ مقصد تحت ڪم ڪيو، اهو هو تہ سنڌي ادب ۾ نہ صرف صنفن پر جديد ادبي فڪرن، لاڙن ۽ تحريڪن کي بہ سنڌي ادب ۾ روشناس ڪرائجي. مرزا صاحب سنڌي ادب ۾ترقي پسند فڪر جي ابتدا ڪئي. سندس ترجمن ذريعي سنڌي ادب ۾ حقيقت نگاري جي شروعات ٿي. هن شعوري طور ڪوشش ڪئي تہ سنڌي ادب فني ۽ فڪري اعتبار کان معياري درجي تي پهچي، ان مقصد ۾ هو ڪامياب ٿيو.

## حوالا:


1. اجواڻي، لعل سنگهہ. سنڌيڪار: شيوڪاڻي، هيرو، "سنڌي ادب جي تاريخ ": سنڌي ساعت گهر حيدرآباد، 2007 ع.
2. الانا، ڊاڪٽرغلام علي، "شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جديد سنڌي ادب جو باني": مهراڻ، مرزا قليچ بيگ نمبر، 2003 ع.
3. بيگ، مرزا قليچ، "نيڪي ۽ بدي" سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1971 ع.
4. پليجو، رسول بخش، "ادب ۾ ترجمن جي اهميت"، مضمون: مهراڻ : سنڌي ادبي بورڊ، 1960 ع.
5. جوڻيجو، عبدالجبار، "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ": روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 1994 ع.
6. عرساڻي، محمد اسماعيل، "چار مقالا": سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 2005 ع.
7. مفتي، ڊاڪٽر تهمينہ، "پائي وائي ۽ پائي زو ۽ پٽيل اکيون ۽ پوريل اکيون (هڪ اپياس)" مهراڻ، مرزا قليچ بيگ نمبر، 2003 ع.

8. مفتي، ڊاڪٽر تهمينه، ”شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جي افسانوي ادب جو اڀياس“: قليچ ريسرچ جنرل، سنڌ يونيورسٽي. /2015/1.
9. ملڪاڻي، منگهارام، ”سنڌي نثر جي تاريخ“: روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو/ حيدرآباد 1993ع.
10. ملڪاڻي، منگها رام، ”شيڪسپيئر جو مترجم – مرزا قليچ بيگ“ ڪينجهر: مرزا قليچ بيگ نمبر، سنڌ يونيورسٽي، 1999ع.
11. ميمڻ، خانبهادر محمد صديق، ”سنڌ جي ادبي تاريخ“: مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور 2014ع.
12. ولڀ، ولي رام، ”مرزا قليچ بيگ – سنڌي ترجمي جي هنر جو محرڪ“: مهراڻ، مرزا قليچ بيگ نمبر، 2003ع.
13. https://encyclopdiasindhana.org